هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

# سُنّتن ڀريو بيان

13-OCT-2016





## حَسَنَينِ ڪريمين سان
## حُضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي مَحَبَّت

(Sindhi)

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الۡمُرۡسَلِيۡنَ ط

اَمَّا بَعۡدُ! فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ط بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ط

اَلصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا رَسُوۡلَ اللّٰه وَعَلٰى اٰلِكَ وَ اَصۡحٰبِكَ يَا حَبِيۡبَ اللّٰه

اَلصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا نَبِىَّ اللّٰه وَعَلٰى اٰلِكَ وَ اَصۡحٰبِكَ يَا نُوۡرَ اللّٰه

نَوَيۡتُ سُنَّتَ الۡاِعۡتِكَاف (مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتڪاف جي نيّت ڪري وٺو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتڪاف جو ثواب پڻ ملندو رهندو ۽ ضمنًا مسجد ۾ ڪائڻ پيئڻ بہ جائز ٿي ويندو.

## دُرُودِپاڪ جي فضيلت

رَسُولُ اللّٰه صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي : ”جيڪو مون تي هڪ ڀيرو دُرُودِ پاڪ پڙهندو، اللّٰه عَزَّ وَجَلَّ ان تي ڏھ (10) رَحمتون نازِل فرمائيندو ۽ جيڪو مون تي ڏھ (10) ڀيرا دُرُودِ پاڪ موڪليندو، اللّٰه عَزَّ وَجَلَّ اُن تي سو(100) رحمتون نازل فرمائيندو ۽ جيڪو مون تي سو(100) ڀيرا دُرُودِ پاڪ موڪليندو، اللّٰه عَزَّ وَجَلَّ ان جي ٻنهي اکين جي وچ ۾ لکي ڇڏيندو تہ اهو ٻانهو نِفاق ۽ جهنم جي باھ کان بَري آهي ۽ قِيامت جي ڏينهن ان کي شهيدن سان گڏ رکندو.“

(مجمع الزوائد،كتاب الادعية،في الصلوة علي النبي۔۔۔الخ،الحديث:١٧٢٩٨،ج١٠،ص٢٥٣)

ذِکر و دُرُود ہر گھڑی وِردِ زَباں رہے
میری فُضُول گوئی کی عادت نکال دو
(وسائلِ بخشش مرمم،ص305)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نيتون ڪيون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ. يعني مسلمان جي نيت ان جي عمل کان بهتر آهي.[1]

**ٻ مدني گُل:** 1 بنا سٺي نيت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو. 2 جيتريون سٺيون نيتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نيّتون

❁ نگاهون جهڪائي انتهائي توجه سان بيان ٻُڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو گوڏا پيجي ويهندس ❁ ضرورت طور سوڙهو ٿي سِرڪي ٻين جي لاءِ جاءِ ڪُشادي ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گهورڻ، جهٽڪڻ ۽ اُلجهڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُوالله، تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻُڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي (يعني دلداري) جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مُصافحو ۽ اِنفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## جنّتين جا سردار!

حَضْرت سَيِدُنا حُذيفہ بن يمان رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا: ”هڪ ڀيرو مون پنهنجي امڙ سائڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا کي عَرض ڪيو: اوهان مون کي اجازت عطا ڪيو تہ مان نبيءِ رحمت، شفيعِ اُمّت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اقتدا ۾ مَغرِب جي نماز ادا ڪيان ۽ عَرض ڪيان تہ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون ۽ توهان لاءِ مغفرت جي دعا

[1] (المعجم الكبير للطبراني، باب السين،سهل بن سعد الساعدى الحديث: 5942، ج 6، ص 185)

فرمائن، حضرتِ سَیدُنا حذيفه رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا: مان نبي ڪريم، محبوبِ ربِّ عظيم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي بابرڪت بارگاھ ۾ حاضر ٿيس ۽ پاڻ سڳورن صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي اِقتدا ۾ مَغرِب نماز پڙهي، جڏهن پاڻ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم عشاء جي ادائيگي ڪان بہ فارغ ٿي ويا ۽ وڃڻ لڳا تہ مان بہ پاڻ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي پويان پويان هلڻ لڳس.

نبي غيب دان، رسولِ ذيشانصَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم منهنجو آواز ٻڌو تہ فرمايائون: ڪير؟ ڇا حذيفہ؟ عرض ڪيم: جي ها! اِرشاد فرمايائون: توهان جي ڪهڙي حاجت آهي؟ غَفَرَ اللّٰہُ لَکَ وَ لِاُمِّکَ يعني الله عَزَّوَجَلَّ توهان جي ۽ توهان جي امڙ جي مغفرت فرمائي! پوءِ فرمايائون: اهو هڪ ملائڪ آهي، جيڪو ان رات ڪان پهريان ڪڏهن بہ زمين تي ناهي لٿو، ان پنهنجي رب عَزَّوَجَلَّ ڪان اجازت گهري تہ مون کي سلام ڪري ۽ مون کي بِشارت ڏي تہ: ''بِاَنَّ فَاطِمَۃَ سَیِّدَۃُ نِسَآءِ اَھْلِ الْجَنَّۃِ يعني فاطمہ (رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہا) جنّتي عورتن جون سردار آهن، وَاَنَّ الْحَسَنَ وَالْحُسَیْنَ سَیِّدَا شَبَابِ اَھْلِ الْجَنَّۃِ ۽ حَسَن ۽ حُسَين (رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا) جنّتي نوجوانن جا سردار آهن.

(سنن الترمذي، ابواب المناقب عن رسول الله، باب مناقب حسن بن علي بن ابي طالب، حديث:٣٧٨٨)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## غيب دان آقا

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان تہ تاجدارِ رِسالت، شهنشاھ نبوت صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن نبوّت جي نور سان حَضرت حذيفہ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کي سڃاڻي بہ ورتو ۽ انهن جي دلي حاجت بہ مَعلُوم ڪري ورتي تہ هي ڇو اچي رهيا آهن؟ ۽ انهن جي چَوڻ بِنا انهن جي لاءِ ۽ انهن جي والده جي لاءِ مغفرت جي دعا بہ فرمائي. يقيناً اسان جا آقا، مڪي مَدَني مُصطَفٰيصَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تي دل جي حالت پوشيده نہ آهي، پاڻ ڪريم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تي تہ پٿرن جي حالت بہ ظاهر آهي،

جيئن مبارڪ حديثن جي سڀ کان معتبر ڪتاب ”بخاري شريف“ ۾ آهي :

سرڪارِ مدينہ، قرارِ قلب و سينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اِرشاد فرمايو:

اُحُدٌ جَبَلٌ يُحِبُّنَا وَنُحِبُّهُ يعني اُحُد جبل اسان سان مَحَبَّت ڪري ٿو ۽ اسان بہ ان سان مَحَبَّت ڪيون ٿا. (بخاري، ڪتاب الزڪاة، باب خرص التمر، ج١،ص ٥٠٠،حديث:١٤٨٢)

## علمِ غيبِ مُصطَفٰي:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! غور ڪيو! جڏهن آقا عليه السّلام کي هڪ پٿر جو حال مَعلُوم آهي ۽ اهي ڄاڻن ٿا تہ ڪنهن پٿر ۾ اسان سان ڪيتري مَحَبَّت آهي تہ اهي مؤمن ٻانهي جي دلي احوال کان بہ يقيناً واقف آهن، تڏهن تہ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حَضْرتِ حذيفہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ جي چوڻ بغير ئي ان جي دلي خواهش تي آگاهہ ٿيا ۽ ان جي لاءِ ۽ ان جي امڙ جي لاءِ مغفرت جي دُعا فرمائي، هن رِوايت کي ٻڌي ڪري جيڪڏهن اهو وسوسو اچي تہ دلي احوال ۽ ڪيفيتن جو علم تہ غيب آهي ۽ علمِ غيب صرف الله عَزَّوَجَلَّ وٽ آهي تہ ياد رکو تہ ان ۾ ڪوئي شڪ ناهي تہ اللهعَزَّوَجَلَّ عَالِمُ الغَيبِ وَالشَّهادَة آهي، ان جو علمِ غيب ذاتي يعني ان جو پنهنجو آهي ۽ هميشہ هميشہ کان آهي جڏهن تہ نبين سڳورن عَلَيهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلامُ ۽ ولين سڳورن رَحِمَهُمُ الله السّلام جو علمِ غيب ذاتي ناهي بلڪ عطائي يعني الله تَعَالٰي جو ڏنل آهي ۽ انهن وٽ اهو علم هميشہ هميشہ کان ناهي بلڪ جڏهن کان الله عَزَّ وَجَلَّ انهن کي ڏنو آهي، تڏهن کان آهي ۽ جيترو ڏنو آهي اوترو آهي ان جي ڏيڻ کان بغير هڪ ذرّي جو بہ علم انهن کي حاصل ناهي، تنهنڪري الله عَزَّوَجَلَّ ئي انبيا ۽ اولياء کي علم عطا فرمائيندو آهي ۽ اهي ان علم کي اڳيان بہ ڦهلائيندا آهن، جيئن علمِ غيبِ مُصطَفٰيصَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي باري ۾قرآنِ پاڪ ۾ اِرشاد آهي :

وَمَا هُوَ عَلَى الْغَيْبِ بِضَنِيْنٍ ﴿٢٤﴾
(پاره:٣٠، سورة التكوير:٢٤)

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ هي نبي غيب ٻڌائڻ ۾ بخيل نہ آهي

ان آيت سڳوري جي حوالي سان تفسيرِ خازِن ۾ آهي: (هن آيت مان) مُراد هي آهي تہ سرڪار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وٽ علمِ غيب ايندو آهي تہ ماڻهن کي ان جي بيان ڪرڻ ۾ بخل نٿا ڪن بلڪ توهان کي ٻڌائيندا آهن. (خازن،٣/٤) هن آيت ۽ تفسير مان معلوم ٿيو تہ الله عَزَّوَجَلَّ جا محبوب، داناءِ غيوب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ماڻهن کي غيب ٻڌائيندا آهن ۽ ظاهر آهي ٻڌائيندو اهو جيڪو پاڻ بہ ڄاڻندو هجي.

سيدي اعليٰ حَضْرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ”حدائقِ بخشش شريف“ ۾ ڇا خوب فرمائن ٿا:

اور کوئی غیب کیا تم سے نِہاں ہو بھلا
جب نہ خُدا ہی چھپا تم پہ کروڑوں دُرُود

## شرح ڪلامِ رضا:

يارَسُولَ الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اوهان جي شان جي ڇا ڳالھ ڪجي! شبِ معراج عين بيداري جي حالت ۾ اوهان پنهنجي مُبارَڪ سر جي اکين سان پنهنجي پاڪ پَروَردگار عَزَّوَجَلَّ جو ديدار ڪيو، تہ ائين الله عَزَّوَجَلَّ جيڪو غيبُ الغيب آهي، اهو بہ پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي ظاهر ۽ آشڪار ٿي ويو تہ هاڻي ڪو ٻيو غيب پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان ڪھڙي طرح لڪي سگھي ٿو، پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي ڪروڙين پيرا دُرُود ۽ سلام نازل ٿئي.

## ٻچ ٻچ نور ڪا!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! حَضْرت سَيِدُنا حُذَيفہ بن يمان رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان مروي اِيمان افروز حديثِ پاڪ مان آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نياڻي شهزادِي جي وڏي شان سان گڏوگڏ سرڪار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا ڏوهٽا حَسَنَينِ ڪريمَين رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا

www.dawateislami.net

جو شان ۽ شوڪت بہ ظاهر ٿيو. ٻئي شهزادا پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا مشابهت رکندا هئا.

(بخاري، كتاب فضائل اصحاب النبي، باب مناقب الحسن والحسين رضي الله عنهما، ٥٤٧/٢،حديث :٣٧٥٢و٣٧٤٨ملتقطا)

حضرت سيدنا عُقْبَہ بن حارِث رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ کان روايت آهي تہ حضرت سيدنا ابوبکر صديق رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ عصر نماز پڙهي پوءِ ٻاهر نڪتا، سندن سان گڏ حضرت سيدنا عَلي الْمُرْتَضٰي کَرَّمَ اللهُ تَعَالٰي وَجْهه الكريم بہ هئا. هڪ ڀيري حضرت سيدنا ابوبکر صديق رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ حضرت سيدنا امام حسن رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ کي ٻارن سان گڏ کيڏندي ڏٺائون تہ محبت مان انهن کي پنهنجي ڪلهي تي کنيائون ۽ فرمايائون: منهنجو پيءُ هن تي قربان ! هي نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان هڪجهڙائي رکن ٿا، علي سان هڪجهڙائي نٿا رکن جڏهن تہ حضرت سيِّدُنا عليُ الْمُرتضٰي رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ مُرڪي رهيا هئا. (بخاري، كتاب المناقب، باب صفة النبي، ٤٨٦/٢،حديث: ٣٥٤٢)

تیری نسلِ پاک میں ہے بچہ بچہ نور کا
تُو ہے عینِ نور تیرا سب گھرانہ نور کا
(حدائقِ بخشش،ص:٢٤٦)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! يقيناً حَضْرت سَيِدُنا امام حَسَن ۽ حَضْرت سَيِدُنا امام حُسَين رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُمَا ڪرم ۽ شفقت جي باغ جا مهڪندڙ گل آهن، اهي ٻئي سرڪارِ ڪائنات، فخرِ مَوْجُودات صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا ڏوهٽا آهن، آقا ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي هنن سان بيحد مَحَبَّت هئي، اچو! انهن جي مَحَبَّت کي وڌائڻ ۽ پنهنجي لاءِ نيڪيون لڪائڻ جي نِيت سان انهن جو ذڪرِ خير ٻڌون ٿا:

## نالو، ڪُنيت ۽ لقب:

انهن ٻنهي شهزادن مان وڏا حضرتِ سَيدُنا امام حَسَن رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ آهن. سندن جي ڪنيت ”ابو محمد“ آهي. لقب”تَقِي ۽ سَيد“ جڏهن ته عرف ’’سِبطُ رَسُولِ الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم“ ۽ ”سبطِ اڪبر“ آهي. اوهان کي ”رَيْحَانَةُالرَّسُوْل“ (يعني رسولِ خدا جا گل) ۽ ”آخِرُالْخُلَفَاءِ بِالنَّصِّ“ (يعني حديثِ پاڪ جي مطابق آخري خليفه) به چون ٿا. پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي مُبارَڪ ولادت 15 رَمَضانُ المُبارَڪ 3 هجري جي رات ۾ مديني شريف ۾ ٿي، حُضُور سَيّدِ عالم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ستين ڏينهن اوهان جو عقيقو ڪيو ۽ وار جُدا ڪيا ويا ۽ حڪم ڏنو ويو ته وارن جي وزن برابر چاندي صدقو ڪئي وڃي. (تاريخُ الْخُلَفَا، بابُ الحسن بن علي بن ابي طالب، ص۱۴۹وروضۃ الشهداء (مترجم)، باب ششم،۱۳۹/۶) اوهان جو نالو اِمامُ الانبياء،سَيدُ الأَسْخِيا صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ئي ’’حسن‘‘رکيو. (سوانحِ کربلا،ص۹۲)

سندن رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جا ننڍا ڀاءُ امامِ عالي مقام، حَضرتِ سَيدُنا امامِ حُسَين رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي ولادت 5 شعبانُ المعظم سن 4 ھ تي مديني شريف ۾ ٿي، انهن جو نالو به حُضُور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ’’حُسَين‘‘ ۽ ’’شبّير‘‘ رکيو جڏهن ته اوهان جي ڪنيت ’’ابو عبدالله‘‘ ۽ اوهان جو لقب به ’’سِبطُ رَسُوْلِ الله ‘‘(يعني رسولِ خدا جا ڏوهٽا) ۽ ’’رَيحَانَةُ الرَّسُوْل‘‘(يعني رسولِ خدا جو گل) آهي ۽ پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ به جنتي جوانن جا سردار آهن. (اسد الغابۃ، باب الحاء والحسين،۱۱۷۳۔الحسين بن علي،ص۲۵،۲۶ملتقطاًوسير اعلام النبلاء،۲۷۰۔الحسين...الخ،۴۰۲/۴۔۴۰۴)

اُمُّ الْمُؤمنين حضرت سَيّدَتُنا عائشه صديقه رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہَا فرمائن ٿيون ته نبي ڪريم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن حضرت سَيّدُنا امام حَسن ۽ امام حُسين رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا جي پيدائش جي ستين ڏينهن، انهن جي طرفان ٻه ٻه ٻڪريون عَقيقي ۾ ذَبْح ڪيون. (مصنف عبد الرزاق ،باب العقيقه ،۲۵۴/۴,حديث:۷۹۹۳)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! عقيقو ڪرڻ سنّت عمل آهي. (فتاويٰ رضويه ج 20 ص 586)

صدرُ الشَّريعه، بدرُ الطَّريقه، حضرت علامه مولانا مفتي محمد امجد علي اعظمي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْقَوِی فرمائن ٿا: عقيقي جي لاءِ ستون ڏينهن بهتر آهي ۽ جيڪڏهن ستين ڏينهن نه ڪري سگهو ته جڏهن چاهيو ڪري سگهو ٿا، سنّت ادا ٿي ويندي. ڪِن اهو چيو آهي ته ستين يا چوڏهين يا ايڪيهين ڏينهن يعني ستن ڏينهن جو لحاظ رکيو وڃي، اِهو بهتر آهي. ۽ ياد نه رهي ته هيئن ڪريو جو ٻار ڄنهن ڏينهن پيدا ٿيو ان ڏينهن کي ياد رکو ان کان هڪ ڏينهن پهريان وارو ڏينهن جڏهن اچي ته اهو ستون ڏينهن ٿيندو، مثلاً جمعي تي پيدا ٿيو ته خميس ستون ڏينهن آهي ۽ ڇنڇر تي پيدا ٿيو ته ستون ڏينهن جمعو ٿيندو، پهرين صورت ۾ خميس جي ڏينهن ۽ ٻي صورت ۾ جمعي جي ڏينهن عقيقو ڪندو ته اهو ستين ڏينهن ۾ شمار ٿيندو. (بهارِشريعت ج۳ص ۳۵۶)

عقيقي جي باري ۾ تفصيلي معلومات حاصل ڪرڻ چاهيو ٿا ته اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو رِسالو "عقيقي جي باري ۾ سوال جواب" جو مطالعو فرمايو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## آقا عَلَيهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي ڏوهٽن سان مَحبّت!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هتي اها ڳالهه غور لائق آهي ته عام طور تي جڏهن ٻار پيدا ٿيندو آهي عقيقو ان جا والدين ئي ڪندا آهن، پر اسان ڏسون ٿا ته جڏهن حضرت سَيدُنا امامِ حسن رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي ولادت ٿي تڏهن به ۽ جڏهن حضرتِ سَيدُنا امام حُسين رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ پيدا ٿيا تڏهن به عقيقو انهن جي والِدَين نه ڪيو بلڪ انهن جا نانا جان، رحمتِ عالميان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ئي پنهنجي پيارن ڏوهٽن جو عقيقو فرمايو، ان مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته حُضُورعَلَيه الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام پنهنجن ڏوهٽن سان ڪيتري مَحَبَّت ڪندا هئا؟ آقا عَلَيه الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام نه صرف

حَسَنَينِ ڪريمَين سان پيار ۽ مَحَبَّت ڪندا هئا بلڪ پاڻ عَلَيه الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ڪيئي موقعن تي انهن جي شان ۽ عظمت کي بہ بيان فرمايو آهي، اچو ”حَسَنَين“ جي پنج (5) اکرن جي نسبت سان انهن جي عظمت ۽ شان جي باري ۾ پنج (5) حديث سڳوريون ٻڌون ٿا:

1) اميرُالمؤمنين حضرت سَيِدُنا عُمر فارُوقِ اعظمرَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ مون حضرت سَيِدُنا امام حَسن ۽ حضرتِ سَيِدُنا امام حُسين رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا کي سرڪار (عَلَيه الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام) جي ڪلهن تي سُوار ڏٺو تہ چيم: اوهان ٻنهي جي سُواري ڪيتري شاندار آهي؟ تہ نبي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اِرشاد فرمايو: ۽ سوار بہ تہ ڪيترا لاجواب آهن.

(ترمذي، باب مناقبِ حسن رضي الله عنه ج۵، ص۴۳۲، حديث ۳۸۰۹)

2) هڪ ٻي حديثِ پاڪ ۾ اِرْشاد فرمايائون: مَنْ اَحَبَّهُمَا فَقَدْ اَحَبَّنِی وَمَنْ اَبْغَضَهُمَا فَقَدْ اَبْغَضَنِی يعني جنهن اِنهن سان مَحَبت ڪئي، اُن مون سان مَحَبت ڪئي ۽ جنهن انهن سان عَداوت (يعني دُشمني) ڪئي ان مون سان عَداوت (يعني دُشمني) ڪئي. (ابن ماجه،ڪتاب السنة،باب في فضائل اصحاب رسول اللّٰه،۹۶/۱، حديث:۱۴۳)

3) حَسَن ۽ حُسَين رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا جَنّتي جوانن جا سردار آهن. (سنن الترمذي،ڪتاب المناقب، باب مناقب ابي محمد الحسن بن علي...الخ، الحديث:۳۷۹۳،ج۵،ص۴۲۶)

4) حُضُورِ اقدس صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن ٻنهي ننڍڙن کي سِنگهندي مبارڪ سيني تي ليٽائيندا هئا.(سنن الترمذي،ڪتاب المناقب،باب مناقب ابي محمد الحسن بن علي...الخ، الحديث:۳۷۹۷،ج۵،ص۴۲۸)

5) هُمَا رَيْحَانَتَایَ مِنْ الدُّنْيَا يعني حَسن ۽ حُسَين (رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا) دُنيا ۾ منهنجا بہ گل آهن. (ترمذي ، باب مناقبِ حسن رضي الله عنه ج۵،ص ۴۲۷،حديث ۳۷۹۵)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! غور ڪيو! تہ پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حَسَنَين

www.dawateislami.net

ڪريمَين رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُمَا سان ڪمال جي مَحَبّت ۽ اُلفت هئي، اهي ماڻهو جيڪي پنهنجن ٻارن سان ان ڪري پيار ۽ مَحَبَّت سان پيش نٿا اچن تہ ڪٿي انهن جو رُعب ۽ دٻدٻو ختم نہ ٿي وڃي، انهن جي لاءِ آقا عَلَيه الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جو هي عمل نصيحت جوڳو درس آهي تہ حُضُورِ اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سيدِ ڪائنات هئڻ جي باوجود بہ پنهنجي ڏوهٽن کي ڪلهن تي سوار ڪندا هئا، آقا عَلَيه الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام حَسَنَينِ ڪريمَين جي محبت کي پنهنجي مَحَبَّت قرار ڏنو ۽ حَسَنَينِ ڪريمَين سان دشمني کي پاڻ سان دشمني قرار ڏنو، پنهنجي اولاد کي چُمڻ، سيني سان لڳائڻ، ڪلهن تي سوار ڪرڻ ۽ اُنهن کي سيني سان لڳائڻ اهو تہ ٺيڪ ٿو پر آقا عَلَيه الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام حَسَنَينِ ڪريمَين رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُمَا کي سِنگهندا بہ هئا ۽ فرمائيندا هئا حسن ۽ حسين(رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُمَا) دنيا ۾ جنت جا گل آهن.

(مرأة المناجيح،باب مناقب اهل بيت النبي، الفصل الاول، ۴۶۲/۸)

اُن دو کا صدقہ جن کو کہا میرے پھول ہیں
کیجے رضاؔ کو حشر میں خنداں مثالِ گل

## شرح ڪلامِ رضا:

اي منهنجا پيارا آقا! پنهنجي جن ٻن شهزادن کي اوهان پنهنجو گل فرمايو يعني حَضرت امامِ حسن ۽ حضرتِ امام حسين رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُمَا انهن جي صدقي ۾ رَضا کي ميدانِ محشر ۾ هر قسم جي مشڪلات ۽ پريشانين کان بچائي مرڪندڙ (يعني ٽڙندڙ) گل وانگر ڪري ڇڏ. (شرح حدائقِ بخشش، ص:۲۱۷، ماخوذاً)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## اهلِ بيت جي مَحَبّت ايمان جو جُزآهي :

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هڪ مُسَلمان جي لاءِ لازم آهي تہ اهو پنهنجي

جان، مال، اولاد کان وڌيڪ سرڪارِ مدينہ، قرارِ قلب وسينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان مَحَبَّت رکي، ڇوتہ حُضُورعَلَيه الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي مَحَبَّت ئي اصلِ ايمان آهي، ان جي بغير ايمان جي دعويٰ هر گز قابلِ قبول ناهي، آقا ڪريم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان مَحَبَّت جي نشاني بہ هي آهي تہ ہانهو انهن سيني ماڻهن سان بہ مَحَبَّت ڪري ۽ انهن جو ادب ۽ احترام ڪري جن کي رَسُولُ اللّٰه صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان نسبت ۽ تعلق حاصل آهي.

ياد رکو! صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضۡوَان سان محبت ڪرڻ محبتِ رسول جي نشاني آهي. ازواجِ مطهرات رَضِیَ اللّٰه تَعَالٰی عَنۡهنَّ سان محبت ڪرڻ محبتِ رسول جي نشاني آهي. اهلِ بيتِ اطهار رَضِیَ اللّٰه تَعَالٰی عَنۡهُمَا سان محبت ڪرڻ محبتِ رسول جي نشاني آهي. حَسَنَينِ ڪريمَين رَضِیَ اللّٰه تَعَالٰی عَنۡهُمَا سان محبت ڪرڻ محبتِ رسول جي نشاني آهي.

ہم کو سارے سیّدوں سے پیار ہے
اِنۡ شَآءَ اللہ دو جہاں میں اپنا بیڑا پار ہے

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

خود حديثِ پاڪ ۾ پنهنجي اولاد کي اهلِ بيت سڳورن جي محبت سکائڻ جي ترغيب مَوۡجُود آهي، جيئن آقا عَلَيه السَّلَام اِرشاد فرمايو: ”اَدِّبُوۡا اَوۡلَادَكُمۡ عَلٰی ثَلَاثِ خِصَالٍ حُبِّ نَبِيِّكُمۡ“ يعني پنهنجن ٻارن کي ٽي (3) شيون سيکاريو، پنهنجي نبي جي مَحَبَّت، وَحُبِّ اَهلِ بَيۡتِهٖ ۽ اَهل بيت جي مَحَبَّت، وَقِرَاءَةِ الۡقُرۡاٰنِ ۽ قرآنِ پاڪ پڙهڻ. (الصواعقُ المُحرقه،المقصدُالثاني فيماتضمنته تلك الآية من طلب محبة آله،ص١٧٢)

هن حديث سڳوري مان مَعلُوم ٿيو تہ حُضُور عَلَيہ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام پنهنجي اَهلِ بيتِ ڪرام سان ڪيتري قَدر مَحَبَّت ڪندا هئا جو صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان کي هن ڳالهہ جي تعليم اِرْشاد فرمائي رهيا آهن تہ توهان مون سان ۽ منهنجي اَهلِ بَيت سان مَحَبَّت ڪيو تا پنهنجي ايندڙ نسلن جي دِلين ۾ بہ منهنجي ۽ منهنجي اَهل بيت جي مَحَبَّت پيدا ڪيو تہ جيئن انهن جو شُمار بہ نَجات ٿيل ماڻهن ۾ ٿئي. هڪ ٻئي هنڌ تي تہ آقا عَلَيہ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام پنهنجي اهلِ بيتِ ڪرام جي مَحَبَّت کي ڪامل اِيمان جي لاءِ شرط قرار ڏنو. جيئن

فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ڪو ٻانهو ڪامل مومن نٿو ٿي سگهي جيستائين جو مان ان کي ان جي جان کان وڌيڪ پيارو نہ هجان ۽ منهنجو اَولاد ان کي پنهنجي جان کان وڌيڪ پيارو نہ هجي ۽ منهنجو اهل اُن کي پنهنجي اهل کان وڌيڪ مَحْبُوب نہ هجي ۽ منهنجي ذات ان کي پنهنجي ذات کان وڌيڪ پياري نہ هجي.

(شعب الايمان للبيهقي،باب في حب النبي،فصل في براء ته في النبوة، الحديث:١٥٠٥، ٢/١٨٩)

اِیماں جسے کہتے ہیں عقیدے میں ہمارے
وہ تیری محبت تِری عِترَت کی وِلا ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

منا منا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو تہ ڪامل مؤمن بڻجڻ ۽ اُخروي نجات ماڻڻ جي لاءِ اهلِ بيت سڳورن جي مَحَبَّت نهايت ضروري آهي. اهلِ بيت جي مَحَبَّت رَسُولُ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مَحَبَّت آهي، اهلِ بيت جي مَحَبَّت الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي رضا حاصل ڪرڻ جو سبب آهي، اهلِ بيت جي مَحَبَّت ايمانِ ڪامل جي نشاني آهي، اهلِ بيت جي مَحَبَّت ٻنهي جهانن جي

www.dawateislami.net

ڪاميابي ماڻڻ جو سبب آهي، اهلِ بيت جي مَحَبَّت خاتمو بالخير جو ذريعو آهي. اهل بيت جي مَحَبَّت سچي عاشقِ رسول ٿيڻ جي نشاني آهي. اهلِ بيت جي مَحَبَّت غلاميءِ مُصطَفٰي جي سند آهي. اَلْغَرَض! اهلِ بيت سان مَحَبَّت رکڻ نهايت وڏي سعادت ۽ دائمي نجات جو سبب آهي، ان ڪري اسان کي پاڻ بہ انهن سان مَحَبَّت ڪرڻ گهرجي ۽ پنهنجي اولاد کي بہ اهلِ بيتِ اَطهار جي مَحَبَّت ۽ انهن جو ادب سيکارڻ گهرجي، ان جو هڪ ذريعو اهو بہ آهي تہ پنهنجي اولاد کي اهلِ بيتِ اَطهار جا واقعا ٻڌايا وڃن، اهلِ بيتِ ڪرام جي سيرت ۽ ڪردار کان انهن کي آگاهہ ڪيو وڃي ۽ انهن جي تعليمات تي عمل ڪرڻ جو درس ڏنو وڃي.

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّ وَجَلَّ دعوتِ اسلامي جي اِشاعَتي اداري مڪتبة المدينہ اهلِ بيتِ اَطهار جي باري ۾ ڪتاب ۽ رسالا شايع ڪيا آهن، جن مان هڪ نهايت ئي پيارو ڪتاب ”شانِ خاتُونِ جَنَّت“ بہ آهي، جنهن ۾ شهزادِيءِ ڪونين، مخدومہ ڪائنات، خاتونِ جَنَّت حضرت بي بي فا طمہ زهرا رَضِيَ الله تَعَالٰی عَنْها جي سيرت ۽ ڪردار بابت رنگ برنگي مدني گلن سان مهڪندڙ خوشبوئون اُمّتِ مُسلمہ تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي، ان کان علاوه رسالو ”حسيني گهوٽ“، امام حُسَين جون ڪرامتون رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ اهي رسالا بہ مڪتبةُ المدينہ تان هديةً طلب ڪري سگهجن ٿا، ۽ دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net تان انهن کي پڙهي (Read) بہ سگهجي ٿو، ڊاؤن لوڊ (Download) ۽ پرنٽ آؤٽ (Print Out) بہ ڪري سگهجي ٿو.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! حَسَنَينِ ڪريمين رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا رَسُولُ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

www.dawateislami.net

جا جگر بند، حَضْرت بي بي فاطمه زهرا رَضِيَ الله تَعَالٰي عَنْهَا جا شهزادا ۽ اَمِيرُ المؤمنين حَضرتِ سَيدُنا علي المرتضيٰ كَرَّمَ الله تَعَالٰي وَجْهه الْكَرِيم جا دُلارا (نهايت ئي پيارا ۽ دادلا) آهن، انهن جا فضائل ۽ مناقب بي شمار آهن، چو ته هجن جو انهن جو گهراڻو ئي سمورن فضيلتن ۽ ڪمالن ۽ برڪتن ۽ چڱائين جو منبع ۽ مرڪز آهي. اهي ٻئي شهزادا رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ڪمالات جا مظهر ۽ جامع هئا. رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي اهلِ بيت مان حَسَنَينِ ڪريمَين رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا سان بي پناه مَحَبَّت ڪندا هئا.

## مَحَبّت جو نِرالو انداز

حَضْرت اُسامه بن زيد رَضِيَ الله تَعَالٰي عَنْه فرمائن ٿا ته مان هڪ رات ڪنهن ڪم سبب نبي اڪرم،نورِ مجسّم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ حاضر ٿيس ته نبي پاڪ،صاحبِ لولاڪ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان طرح تشريف فرما ٿيا جو پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪا شيءِ هنج ۾ ڪنئي هئي، مون کي خبر نه هئي ته اها ڇا آهي، جڏهن مان پنهنجي ضرورت کان فارغ ٿيس مون پڇيو هي ڇا آهي؟ جيڪا اوهان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هنج ۾ ڪنئي آهي؟ حُضُور عَلَيه الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام ان کي کوليو ته حَسن ۽ حُسين (رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا) سندن (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جي هنج ۾ هئا. پوءِ سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اِرشاد فرمايو: اهي ٻئي منهنجا پٽ، منهنجي ڌيءِ جا پٽ آهن. الٰهي! مان انهن ٻنهي سان مَحَبَّت ڪيان ٿو تون به هنن سان مَحَبَّت فرما ۽ جيڪو هنن سان مَحَبَّت ڪري ان سان به مَحَبَّت فرماءِ!

(ترمذي ، باب مناقبِ حسن رضي الله عنه ،۵/ ۴۲۷،حديث ۳۷۹۴)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اوهان ڏٺو ته! حُضُور عَلَيه الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام کي حَسَنَينِ ڪريمَين رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا سان ڪيتري محبت هئي جو آقا عَلَيه الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام ڪنهن موقعي تي ٻنهي شهزادن کي ڪيتري مَحَبَّت ڀري انداز سان پنهنجي سيني

سان لڳائي رکيو هو.

## خُطبو ڇڏي ڏنو

اهڙي طرح حضرتِ سيّدُنا ابوہُرَيره رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہُ ارشاد فرمائن ٿا تہ هڪ دفعي رسول الله صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن خطبو ارشاد فرمائي رهيا هئا تہ ايتري ۾ حضرتِ حسن ۽ حضرتِ حُسين رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہُمَا ٻئي ڳاڙهي رنگ جون قميصون پاتل هيون ننڍا هئڻ جي ڪري ڪڏهن ڪڏهن ڪِرندي ٿاٻڙجندي آيا تہ رسول الله صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جڏهن انهن کي ڏٺو تہ منبر مبارڪ تان لٿا ۽ انهن ٻنهي شهزادن کي کڻي پنهنجي سامهون ويهاريو. پوءِ فرمايائون: اللّٰه تَعَالٰی جو اِرشاد سچ آهي.

اِنَّمَاۤ اَمْوَالُكُمْ وَ اَوْلَادُكُمْ فِتْنَةٌؕ

ترجمو ڪنز الايمان: توهان جو مال ۽ توهان جا ٻار امتحان ئي تہ آهن.

(پ ٢٨،التغابن:١٥)

مون انهن ٻارن کي ڏٺو تہ ٿاٻڙجندي اچي رهيا آهن تہ مون کان صَبر نہ ٿي سگهيو، ايستائين جو مون پنهنجي ڳالھ اڌ ۾ ڇڏي انهن کي کڻي ورتو.

(ترمذي ، باب مناقبِ حسن،٥/ ٤٢٩، حديث ٣٧٩٩)

مُفَسّرِ شَهير، حڪيم الاُمَّت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيه هن حديثِ پاڪ جيَ شرح ۾ فرمائن ٿا: ان موقعي تي حُضُور صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم (ٻنهي شهزادن کي) حاضرين مان ڪنهن ذريعي نہ گهرايو، نہ ڪنهن ٻئي جي هنج ۾ ويهاريو، بلڪ پاڻ مِنبر شريف تان لهي خُطبو ڇڏي ٻارن وٽ ويا، اُنهن کي کنيو ۽ پنهنجي برابر ويهاريائون، اِها آهي حُضُور(صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم) جي انتهائي مَحَبَّت انهن ٻنهي سان. (۽) هن آيت سڳوري ۾ ''فِتْنَةٌ'' بمعنٰي آفت يا مصيبت ناهي، بلڪ محنت يا آزمائش جي معني ۾ آهي، الله تَعَالٰی انهن جي ذريعي مؤمن کي ثواب ڏيندو آهي. (مرآۃ المناجيح،٨/٤٢٨)

## تربيتِ اولاد جي اهميت!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! واقعي اَولاد جي تربيت هڪ آزمائش کان گهٽ ناهي، جيڪڏهن اِنسان صحيح طرح سان شريعت جي عين مُطابِق پنهنجي اولاد جي تربيت ڪري وجهي تہ اولاد ان جي لاءِ ثوابِ جاريہ جو سبب آهي ۽ جيڪڏهن اولاد صحيح تربيت نہ هئڻ جي سبب خدانخواستہ گناهن جي راهہ تي هلڻ لڳو تہ اهڙو اولاد والِدين جي لاءِ جتي دنيا ۾ رُسوائي جو سبب بڻجي ويندو آهي، اتي آخرت ۾ بہ والِدَين جي پڪڙ جو سبب بڻجي سگهي ٿو. حضرت سَيدُنا عبدالله بن عمر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا هڪ شخص کي فرمايائون: پنهنجي ٻار جي چڱي تربيت ڪيو ڇوتہ توهان کان توهان جي اولاد جي باري ۾ پڇيو ويندو تہ توهان ان جي ڪهڙي تربيت ڪئي آهي ۽ توهان ان کي ڇا سيکاريو.

(شعب الايمان، ۲/۴۰۰)

اولاد جي صحيح تربيت ڪرڻ جو وڏيڪ بهترين وقت ننڍپڻ هوندو آهي، جهڙي طرح ميڻ کي جنهن بہ سانچي ۾ وجهڻ چاهيندؤ، اهو آساني سان ان ۾ پئجي ويندو. اهڙي طرح ٻارن کي انهن جي ابتدائي عمر ۾ جنهن بہ رنگ ۾ رنگيو وجي، اهي رنگٻا ويندا، ڇوتہ ٻار جو حافظو هڪ خالي فرهيءَ وانگر هوندو آهي ان تي جيڪو ڪجهہ لکيو ويندو سڄي عمر جي لاءِ محفوظ ٿي ويندو. ڏٺو ويندو آهي تہ ننڍپڻ جون عادتون آخر تائين گڏ رهنديون آهن ان ڪري جيڪڏهن ٻار کي ننڍپڻ کان ئي سلام ۾ پهل ڪرڻ جي عادت وڌي وڃي تہ اهو سڄي عمر ان عادت کي ناهي ڇڏيندو. جيڪڏهن ان کي ننڍپڻ کان ئي نماز جي پابندي ڪرڻ، قرآنِ ڪريم جي تلاوت ڪرڻ، فلمون ڊراما ۽ گناهن ڀرين مختلف چينلن کان بچڻ، ماءُ پيءُ ۽ وڏن جو ادب ۽ اِحترام ڪرڻ، سچ ڳالهائڻ جي عادت وڌي وڃي تہ اهو سڄي عمر ڪوڙ کان بيزار رهندو. اهڙي طرح ان کي سنّت مطابق کائڻ پيئڻ، ويهڻ، جُتي پائڻ، لباس پائڻ، مٿي

تي عمامو ٻڌڻ ۽ وارن ۾ ڦڻي وغيره ڪرڻ جو نندپڻ کان عادي بڻايو ويجي ته اهو نه فقط پاڻ انهن پاڪيزه عادتن کي اپنائيندو آهي، پر ان جون اهي مدني وصفون ان جي صحبت ۾ رهڻ وارن ٻين ٻارن ۾ به منتقل ٿيڻ شروع ٿي وينديون آهن.

ياد رکو جيڪڏهن اسان جي تربيت ان کي الله عَزَّوَجَلَّ جي بندگي، سرڪارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي غلامي ۽ اسلامي معاشري ۾ ان جي ذميداري نه سيکاري سگهي ته پوءِ ان کي پنهنجو فرمانبردار بڻائڻ جي خواهش به نه رکو ڇوته اهو اسلام ئي آهي جيڪو هڪ مسلمان کي پنهنجي والدين جو مُطيع ۽ فرمانبردار ٿيڻ جي تعليم ڏئي ٿو. ان ڪري اولاد جي ظاهري زيب و زينت، سٺي خوراڪ، سٺو لباس ۽ ٻين ضرورتن جي ڪفايت سان گڏوگڏ، ان جي اخلاقي ۽ روحاني تربيّت جي لاءِ به ڪوشش ڪريو.

## جامعة المدينه، مدرسة المدينه ۽ دارُالمدينه جو مختصر تعارف!

اَلۡحَمۡدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ تبليغِ قراٰن ۽ سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي جتي وڏن جي اصلاح جي ڪوشش ۾ آهي، اتي ننڍن ٻارن کي به ديني تعليم ۽ تربيت جي ذريعي معاشري جو هڪ اهم فرد بنائڻ جي لاءِ به مصروفِ عمل آهي. دعوتِ اسلامي جي تحت قائم ٿيڻ وارا ڪيئي شعبا جيئن مدرسةُ المدينه، جامعةُ المدينه ۽ دارُ المدينه ان جو واضح ثبوت آهن. خاص طور تي دارُالمدينه هڪ اهڙو تعليمي ادارو آهي جيڪو دِيني ۽ دُنيوي تعليم جو حسين امتزاج آهي. جنهن ۾ پڙهڻ وارو ٻار وڏو ٿي باوقار مسلمان بڻجي سگهي ٿو. ”دارُالمدينه“ جي قيام جو بنيادي مقصد اُمّتِ مصطفيٰ جي نئين نسلن کي سُنّتن تي عمل ڪرائيندي دِيني ۽ دُنيوي تعليم سان آراسته ڪرڻ آهي. جيڪڏهن اسان به چاهيون ٿا ته اسان جا ٻار به نماز، روزي جا پابند بڻجن،

www.dawateislami.net

سُنّتن جا آئينہ دار ٻڻجن، ماءُ پيءُ جا فرمانبردار ٻڻجن، حُسنِ اخلاق جا پيڪر ٻڻجن، علمِ دين حاصل ڪري نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچائڻ وارا ٻڻجن، تہ اسان کي بہ گهرجي تہ اسان پنهنجن ٻارن کي اهڙو پاڪيزه مدني ماحول فراهم ڪيون، جتي اهڙي تربيت ڪرڻ جو اِنتظام هجي، اَلْحَمْدُلِلّٰہعَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جي جامعاتُ المدينہ، مدارِسُ المدينہ ۽ دارُالمدينہ ۾ خصوصيت سان مدني تربيت تي بہ توجہ ڏني ويندي آهي، اتي پڙهڻ وارا طلباءِ ڪرام ۽ مدني مُنّن کي نيڪين ڀري زندگي گذارڻ جي لاءِ اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي عطا ڪيل مدني انعامات تي عمل جي ترغيب ڏني ويندي آهي. تنهنڪري اوهان بہ پنهنجن ٻارن کي جامعةُ المدينہ، مدرسةُ المدينہ ۽ دار المدينہ ۾ داخل ڪرايو. اوهان جو ٻار بہ وڏو ٿي سُنّتن جو پيڪر ۽ عِلْمِ دِين جو مبلغ ٻڻجي ويندو. اِنْ شَآءَ اللّٰہعَزَّوَجَلَّ

## 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم ”صداء مدينہ“

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان هر دم وابستہ رهو ۽ ذيلي حلقي جي 12 مدني ڪمن ۾ حصو وٺندا رهو. انهن 12 مدني ڪمن مان روزانہ جو هڪ مَدَني ڪم ”صداءِ مدينہ لڳائڻ“ بہ آهي. دعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول ۾ مسلمانن کي فَجر نماز جي لاءِ جاڳائڻ کي صداءِ مدينہ لڳائڻ چئبو آهي. مَنْقُول آهي تہ اَمِيرُالمؤمنين حَضْرتِ سيدُنا عمرِ فاروقِ اعظم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جو اهو معمول هو تہ پاڻ ماڻهن کي نماز جي لاءِ بيدار ڪندي، جڏهن فجر نماز جي لاءِ تَشْرِيف ايندا هئا تہ رستي ۾ ماڻهن کي نماز جي لاءِ جاڳائيندي ايندا هئا، ۽ اذانِ فجر کان فوراً بعد جيڪڏهن مسجد ۾ ڪو سُتل هوندو هو ان کي بہ جاڳائيندا هئا. (طبقات ڪبريٰ، ذڪر استخلاف عمر، ٢٦٣/٣) ۽ جيڪڏهن ڪو فجر نماز ۾ غير حاضر هوندو هو ان جي باري ۾ معلومات

حاصل ڪندا هئا. جيئن هڪ ڀيري پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ صبح جي نماز ۾ حضرت سيِّدُنا سُليمان بن ابي حَثْمَہ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ کي نہ ڏٺو، بازار تشريف وٺي ويا رستي ۾ ان جو گھر هو ان جي امڙ حضرت سيدتنا شِفا رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهَا وٽ تشريف وٺي ويا ۽ فرمايائون تہ صبح جي نماز ۾ مون سُليمان کي نہ ڏٺو! انهن چيو: رات جو نماز (يعني نفل) پڙهندا رهيا پوءِ ننڊ وٺي وئي، سيِّدُنا عمر فاروق اعظم رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ فرمايو: صبح جي نماز باجماعت پڙهان هي منهنجي ويجهو ان کان بهتر آهي جو رات جو قيام ڪيان (يعني سڄي رات نفل پڙهان)

(موطّا امام مالک ج۱ص۱۳۴حديث۳۰۰،ازنيڪي کي دعوت ،ص۴۷۹)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اوهان ڏٺو تہ! سيدُنا عُمَرفاروقِ اَعظم رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ فجر نماز جي لاءِ جاڳائيندا ۽ نماز ۾ غير حاضر رهڻ واري جي گهر وڃي حال احوال پڇندا هئا. اسان کي بہ گهرجي تہ صداءِ مدينہ لڳائڻ سان گڏوگڏ نمازن جي وقت ۾ اهو بہ نوٽ ڪيون تہ اسان جي پاڙي جي اسلامي ڀائرن مان ڪير جماعَت سان نماز پڙهي ٿو ۽ ڪير نہ؟ جيڪڏهن ڪو نمازي ڪنهن نماز ۾ غير حاضِر هجي تہ ان جي گهر وڃي يا فون ڪري اُن جي خبرچار وٺون، بيمار ٿيو هجي تہ عِيادت ڪيون ۽ سُستي جي ڪري نہ آيو هجي تہ نيڪي جي دعوت ڏيون. تمام اسلامي ڀائرن کي اهو انداز اختيار ڪرڻ گهرجي، ان سان اسان جي مسجدن جي رونق بحال رهندي. جيڪڏهن اسان جي انفرادي ڪوشش سان هڪ اسلامي ڀاءُ بہ نماز جو عادي بڻجي ويو تہ يقيناً نيڪي جي دعوت ڏيڻ جو ثواب ملڻ سان گڏوگڏ اهو صدقہ جاريہ جو سبب بہ بڻجندو. اِنۡ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ

ڪامل مسلمان بڻجڻ، نمازن ۽ سنّتن جي عادت ٺاهڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول سان هر دم وابَستہ رهو، اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مُعاشري جا ڪيئي بگڙيل افراد دعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول جي بَرَڪت سان سڌي واٽ تي اچي چڪا آهن، انهيءَ ضمن ۾ هڪ مدني بهار پيشِ خدمت آهي، جيئن

## مدني بهار:

مَترا (هند) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو ڪجهه هيئن بيان آهي تہ ”مان هڪ ماڊرن نوجوان هئس، فلمون ڊراما ڏسڻ منهنجو مشغلو هو، مڪتبۃالمدينہ تان جاري ٿيل بيان جي ڪيسيٽ ”T.V کی تباہ کاریاں“ ٻُڌڻ جو شرف حاصل ٿيو، جنهن مون ۾ انقلاب برپا ڪري ڇڏيو، مان دعوت اسلاميءَ جي مدني ماحول سان مُنسلڪ ٿي ويس، مونکي Appendix جي بيماري ٿي وئي ۽ ڊاڪٽر آپريشن جو مشورو ڏنو مان گھبرائجي ويس ايتري ۾ دعوت اسلاميءَ جي هڪ مبلّغ جي انفرادي ڪوشش جي نتيجي ۾ زندگيءَ ۾پهريون ڀيرو عاشقانِ رسول سان گڏ دعوتِ اسلاميءَ جي سنّتن جي تربيت جي ٽن ڏينهن جي مدني قافلي جو مسافر بڻجي ويس، اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ مدني قافلي جي برڪت سان بغير آپريشن منهنجي بيماري ختم ٿي وئي. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ منهنجي جذبي کي مديني جا ٻارهن چنڊ لڳي ويا. هاڻي مان هر مهيني ٽن ڏينهن جي مدني قافلي ۾ سفر جي سعادت حاصل ڪندو آهيان ۽ هر مهيني مدني انعامات جو ڪارڊ جمع ڪرائيندو آهيان ۽ مسلمانن کي فجر جي نماز خاطر جاڳائڻ لاءِ محلي جڳهہ گھٽين ۾ صداءِ مدينہ لڳائيندو آهيان. (فيضانِ سنت، ص۲۴۸)

لگا فجر میں بھائی گھر گھر میں جا کر
ذرا دِل لگا کر "صدائے مدینہ"

(وسائل بخشش مرمم، ص369)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## حَسَنَينِ ڪريمَين جي دلجوئي جا مختلف انداز

مَنا مَنا اسلامي ڀائرو! ٻارن جي طبيعت نهايت حُسّاس هوندي آهي ۽ انهن جي دل شيشي کان وڌيڪ نازڪ هوندي آهي. جيڪڏهن ٻارن کي ٿوري ٿوري ڳالهه تي جهڻڪيو دڙڪا ڏبا يا انهن کي ماريو ويندا تہ انهن جي طبيعت ۾ چِڙچڙا پڻ، بدتميزي ۽ بدمزاجي جهڙيون خاميون پيدا ٿي وينديون آهن ائين ان قيمتي سرمايي جي غلط طريقي سان سنوارڻ سان انهن جي قدر قيمت ۾ گهٽتائي اچي ٿي، ۽جيڪڏهن ٻارن جي دلجوئي ڪرڻ ۽ انهن سان گُهلي مِلي وڃڻ سان انهن ۾ خود اعتمادي، برداشت ۽ حُسنِ اَخلاق جهڙيون خوب صورت وصفون پيدا ٿينديون آهن . اسان جي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻارن سان نهايت پيار ڪندا هئا ۽ شفقت ۽ مَحَبَّت ڀريو سلوڪ ڪندا هئا جڏهن تہ حضرت سيدنا امام حسن ۽ حضرت سيدنا امام حُسَين رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُمَا جي دلجوئي فرمائڻ ۾ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو انداز ئي نرالو هو، اچو ان بابت ڪجهہ واقعا ٻڌون ٿا:

## سرڪار سجدي کي ڊگهو ڪندا هئا:

حضرت سَيدُنا عبدُالله بن شَدَّاد رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ پنهنجي والد حضرت شَدَّاد بن هَاد رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ کان روايت ڪن ٿا تہ هڪ دفعي رحمت عالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مغرب يا عشا جي نماز پڙهائڻ جي لاءِ تشريف فرما ٿيا، سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم امام حسن يا امام حسين رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُمَا مان ڪنهن هڪ شهزادي کي ڪنيل هئا. حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نماز پڙهائڻ جي لاءِ اڳتي وڌيا ۽ شهزادي کي پاڻ وٽ ويهاري ڇڏيو. پوءِ نماز جي لاءِ تڪبير فرمائي ۽ نماز شروع ڪري ڇڏي. نماز دوران پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڊگهو سجدو فرمايو، حضرت سيدنا شَدَّاد رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ فرمائن ٿا مون مٿو کڻي ڏٺو تہ شهزادا سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پُٺي مبارڪ تي سوار آهن ۽ سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سجدي ۾ آهن، مان

بيھر سجدي ۾ ھليو ويس. جڏھن نماز ادا ڪري ورتي تہ ماڻھن عرض ڪيو: يارَسُولَ اللّٰه صَلَّى الله تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اوھان نماز ۾ ايترو ڊگھو سجدو ڪيو تہ اسان گمان ڪيو تہ ڪو امرِ الٰهي واقع ٿي ويو آھي يا حضور صَلَّى الله تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي وحي نازل ٿيڻ لڳي آھي، پاڻ سرڪار صَلَّى الله تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: اھڙي ڪا ڳالھ نہ ھئي، منھنجو پٽ مون تي سوار ھو، مون کي اھا ڳالھ نہ وڻي تہ مان جلدي ڪيان ۽ ان جي دل شڪني ٿئي.

(نسائي،ڪتاب التطبيق،باب هل يجوز أن تكون سجدة أطول ۔۔الخ،ص۱۹۶،حديث:۱۱۳۸)

کیا بات رضاؔ اُس چَمَنِسْتانِ کَرم کی
زَہرا ہے کلی جس میں حُسَیْن اور حَسَن پھول

(حدائقِ بخشش،ص79)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## سڀ کان وڌيڪ مَحبُوب!

حضرت سيدنا انس بن مالڪ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا تہ رَسُولُ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان عرض ڪيو ويو: اھلِ بيت مان اوھان کي ڪير وڌيڪ محبوب آھي؟فرمايائون: ”حسن ۽ حسين رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا“ وڌيڪ فرمائن ٿا: نبي ڪريم رؤفٌ رَّحيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت سيدتنا فاطمة الزهرا رَضِىَ الله تَعَالٰى عَنْها کي فرمائيندا ھئا ”منھنجي ٻارن کي مون وٽ آڻيو، پوءِ انھن کي سنگھندا ھئا ۽ پاڻ سان ڳلي لڳائيندا ھئا.“

(ترمذي،ڪتاب المناقب،باب مناقب ابي محمد الحسن ۔۔۔الخ ،۴۲۸/۵، حديث:۳۷۹۷)

مُفَسِّرِ شَهير،حڪيمُ الامَّت مفتي احمد يار خان عَلَيه رَحْمَةُ الْحَنَّان ھن حديثِ پاڪ جي شرح ۾ فرمائن ٿا: محبت جا گھڻا قسم آھن: اولاد سان محبت ٻي قسم

جي آهي، ازواج سان ٻي قسم جي، دوستن سان ٻي قسم جي. اولاد ۾ حضرات حسنين نهايت پيارا آهن، ازواج ۾ حضرت عائشہ صديقہ محبوبہ محبوبِ ربُّ العالمين آهن، دوست احباب ۾ حضرت ابوبکر صديق نهايت پيارا آهن ان ڪري حديثن ۾ تعارض ناهي. وڌيڪ فرمائن ٿا تہ حضور انهن کي چو نہ سنگهن، اهي تہ حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا گل هئا، گل سنگهيا ئي ويندا آهن، انهن کي سيني سان لڳائڻ پاڪر پائڻ انتهائي محبت ۽ پيار جي ڪري هو. ان مان معلوم ٿيو تہ ننڍن ٻارن کي سنگهڻ، انهن سان پيار ڪرڻ، انهن کي ڳلي لڳائڻ سنّتِ رسولُ اللهصَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي. (مراة المناجيح،۸/۴۷۷)

جو اپنی زندگی میں سُنّتیں ان کی سجاتے ہیں

انہیں پیارا محمد مصطفٰے اپنا بناتے ہیں

(وسائلِ بخشش مرمم، ص۲۸۹)

## حسنينِ ڪريمين کي حوصلہ افزائي :

حضرت سيدتنا عائشہ صديقہرَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا کان روايت آهي تہ هڪ ڀيري حَسَنَينِ ڪريمَينرَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا سرڪارِ نامدار، مديني جي تاجدار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سامهون ڪُشتي وڙهي رهيا هئا. نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم امام حسن رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کي فرمائي رهيا هئا: حسن! حسين کي پڪڙي وٺو.حضرت سيدتنا عائشہ صديقہرَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهافرمائن ٿيون: مون عرض ڪيو: يارَسُولَ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ! اوهان حَسَن جي حوصلہ افزائي فرمائي رهيا آهيو، حالانڪ اهي وڏا آهن؟ رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ٻئي پاسي جبريل امين آهن جيڪي حُسين کي ائين ئي چئي حوصلہ افزائي فرمائي رهيا آهن.

(سير اعلام النبلاء ،الحسن بن علي، ۳۹۲/۴)

اُن دو کا صدْقہ جن کو کہا میرے پھُول ہیں
کیجے رضاؔ کو حَشْر میں خَنْداں مِثالِ گل

(حدائقِ بخشش، ص77)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو تہ ٻارن جي دلجوئي ڪرڻ، انهن سان شفقت سان پيش اچڻ ۽ حوصلہ افزائي ڪرڻ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو مُبارڪ انداز آهي ۽ اهو بہ معلوم ٿيو تہ پنهنجي ٻارن سان پيار ۽ محبت سان پيش اچڻ گهرجي ۽ هر معاملي ۾ انهن سان شفقت ڀريو ورتاءُ ڪرڻ گهرجي، انهن کي پاڻ سان گڏ ڪارائڻ گهرجي ۽ انهن کي خوش رکڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪرڻ گهرجي.

حضرت سَيِدَتُنَا عائشہ صِدّيقہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا روايت ڪن ٿيون تہ رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”بيشڪ جنّت ۾ هڪ گهر آهي جنهن کي ”الفرح“ چيو ويندو آهي ان ۾ اهي ئي ماڻهو داخل ٿيندا جيڪي ٻارن کي خوش ڪندا آهن.“ (جامع صغير ،الحديث٢٣٢١،ص١٤٠)

## ٻارن سان مَحَبّت ڪيو!

مَعْلُوم ٿيو تہ پنهنجي اولاد ۽ ٻارن کي خوش ڪرڻ جنّت ۾ داخلي جو سبب بہ آهي. ٻار جي نفسياتي ضرورتن مان ہ هي آهي تہ انهن سان مَحَبَّت ۽ شفقت ڀريو ورتاءُ ڪيو وڃي، اهي ٻار جيڪي ماءُ پيءُ جي مَحَبَّت کان محروم رهندا آهن، ڪڏهن ڪڏهن اُهي نفسياتي بيمارين ۾ مبتلا نظر ايندا آهن، بهترين کاڌن، ڪپڙن ۽ رانديڪن جي بدران ٻار ان ڳالھ جو وڌيڪ محتاج هوندو آهي تہ ان جا ماءُ پيءُ ان تي توجهہ ڏين ۽ ان سان مَحَبَّت ڪن.

ڪي ماڻھو پنھنجي ٻارن جي اڳيان مال و اسباب جا ته ڍير جمع ڪندا آھن، پر انھن کي پنھنجي حقيقي توجھه ۽ پيار محبت کان محروم رکندا آھن، انھن وٽ ايترو به وقت ناھي ھوندو جو اھي پنھنجي اولاد سان مَحَبَّت ڀريون ڪجھه ڳالھيون ئي ڪري وٺن. اھڙي طرح بعض والِدَين اھڙا به ھوندا آھن، جيڪي پنھنجي ٻارن تي اجائي سختي ڪندا آھن، حالانڪ جھڙي طرح ھڪ ٻار جي چڱي صحت جي لاءِ متوازن غذا ضروري آھي، اھڙي طرح ٻارن جي بھترين تربيت جي لاءِ والِدَين جو مناسب پيار به نھايت ضروري آھي. اچو! ٻارن سان محبت جي اِظھار جا ڪجھه طريقا ٻڌون ٿا:

1. انھن جي جائز خواھشن کي پنھنجي وُسعت جي مطابق پورو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي.
2. انھن جي ڳالھين کي توجھه سان ٻڌڻ جي عادت بڻائي وڃي، ڪڏھن ڪڏھن ٻار ڪجھه معلوماتي سُوال ڪندا آھن، ان موقعي تي به انھن جي پوري ڳالھه ٻڌڻ گھرجي، ان سان انھن جي حوصلہ افزائي به ٿيندي ۽ وڏيڪ سکڻ جو ذھن بڻجندو، جڏھن ته فضول گفتگو ڪرڻ کان ننديڻ کان ئي انھن کي بچڻ جو ذھن ڏنو وڃي.
3. ڪو به چڱو ڪم سر انجام ڏيڻ (مثال طور نماز جي پابندي ڪرڻ، تلاوتِ قرآن ڪرڻ، مدني انعامات تي عمل ڪرڻ وغيره) تي انھن کي تحفا ڏنا وڃن يا انھن جي حوصلہ افزائي ڪئي وڃي.
4. ٻارن کان غلطي ٿيڻ جي صورت ۾ انھن کي پيار ۽ مَحَبَّت سان ئي سمجھايو وڃي. ضرورت پوڻ تي سختي به ڪري سگھجي ٿي، پر ياد رھي! ته اجائي ۽ حد کان وڌيڪ غصي جو اظھار ٻارن جي دلين ۾ نفرت جا ٻج پوکي سگھي ٿو.
5. اھو به ذھن نشين رھي ته ٻارن سان اجايو لاڏ پيار اوھان جي اولاد سان

**محبت ناهي بلڪ انهن جي لاءِ زهرِ قاتل آهي.**(جتي انهن کي سمجهائڻ، انهن جي تربيت ڪرڻ جي حاجت هجي، اتي احسن انداز سان فوراً سمجهائڻ جو سلسلو هئڻ گهرجي)

**اولاد جي بهترين تربيت جي باري ۾ وڌيڪ مَدَني گل حاصل ڪرڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبةُ المدينہ جي مطبوعہ 188 صفحن تي مشتمل ڪتاب ''تربيتِ اولاد'' ۽ رسالو "اولاد جا حق ۽ ڏيءِ جي پرورش"هديةً حاصل فرمائي انهن جو مطالعو ڪيو.**

**صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد**

## بيان جو خلاصو!

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڄ جي بيان ۾ اسان حَسَنَينِ ڪريمَين** رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا **سان سرڪار** عَلَيهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام **جي مَحَبَّت جي حوالي سان ٻڌو تہ**

♣ **آقا** عَلَيه السَّلَام **کي هنن ٻنهي شهزادن (حضراتِ حَسَن ۽ حُسَين** رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا**) سان بيحد پيار هو ۽ اِهو اُنهيءَ پيار ۽ تربيت جو هڪ اظهار جو ٻنهي شهزادن جا نالا بہ سرڪار** عَلَيه السَّلَام **رکيا هئا.**

♣**حضراتِ حَسَن ۽ حُسَين**رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا **جو عقيقو سرڪار** عَلَيه الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام **خود فرمايو هو، ٻنهي جي تربيت آقا** عَلَيه السَّلَام **خود فرمائي.**

♣**حضراتِ حَسَن ۽ حُسَين**رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا **کي سُتي آقا** عَلَيه السَّلَام **ڏني، حضراتِ حَسَن ۽ حُسَين** رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا **جو ننڍپڻ آقا** عَلَيه السَّلَام **جي سامهون گذريو، انهن جي تربيت آقا** عَلَيه السَّلَام **خود فرمائي.**

♣ **پاڻ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **حَسَنَينِ ڪريمَين، سَيّدَين، جَلِيلَين، شَهِيدَين** رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا **کي پنهنجي مبارڪ ڪلهن تي سوار ڪندا هئا. مطلب تہ!هر هر ڪم ۾ آقا** عَلَيه السَّلَام **انهن جي دلجوئي ڪندا هئا ۽ انهن سان پنهنجي دائمي مَحَبَّت جو**

www.dawateislami.net

اظهار ڪندا ها.

♣الله تعاليٰ اسان کي بہ حضراتِ حسنينِ ڪريمين، جميع اهلِ بيتِ اَطهار سميت سمورن صحابہ سڳورن رِضْوانُ الله عَلَيهِمْ اَجْمَعِين سان نہ صرف خود مَحَبَّت ڪرڻ بلڪ پنهنجي اَوْلاد کي بہ انهن جي مَحَبَّت ۾ سيرت تي هلندي زندگي گذارڻ جي توفيق عطا فرمائي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ڳالهہ ٻولهہ بابت سنتون ۽ آداب:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو ! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجهہ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. [2]

سینہ تری سُنَّت کا مدینہ بنے آقا
جنّت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اچو دعوتِ اسلامي جي شايع ٿيل رسالي "101 مَدَني گل" مان ڳالهہ ٻولهہ جي حوالي سان ڪجهہ اَهم مَدَني گل ٻڌون ٿا:✿ مسڪرائي ۽ خوش اخلاقيءَ سان ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ سنّت آهي .✿مسلمانن جي دلجوئي جي نيّت سان ننڍن سان شفقت وارو ۽ وڏن سان ادب وارو لهجو

---

[2]...مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،٩٧/١،حديث:١٧٥

اختيار ڪيو. ان شآءَالله عَزَّ وَجَلَّ ثواب حاصل ڪرڻ سان گڏوگڏ ٻنهي وٽ توهان معزز رهندؤ ❁ وڏي آواز سان ڳالهائڻ جيئن اڄڪلهه دوست پاڻ ۾ بي تڪلفي سان ڳالهائيندا آهن، اها سنّت نہ آهي ❁ ڪٽي هڪ ڏينهن جو ٻار هجي سنين سنين نيتن سان ان سان بہ اوهان توهان سان گفتگو ڪرڻ جي عادت ٻڌايو، اوهان جا اخلاق بہ ان شآءَالله عَزَّوَجَلَّ عمدا ٿيندا ۽ ٻار بہ ادب سکندو.❁ ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ وقت پردي جي جاءِ تي هٿ لڳائڻ، آڱرين سان بدن تان مير لاهڻ، ٻين جي سامهون بار بار نڪ کي هٿ لڳائڻ، يا نڪ يا ڪن ۾ آڱر وجهڻ، ٿُڪ اڇلائڻ سٺي ڳالهہ ناهي، ان سان ٻين کي ڪراهت محسوس ٿيندي آهي ❁ جيستائين ٻيو ڳالهائي رهيو هجي تہ اطمينان سان ٻُڌو، ان جي ڳالهہ ڪٽڻ کان بچو ۽ ڳالهہ ٻولهہ ڪندي ٽهڪ ڏيڻ کان بچو ڇوتہ ٽهڪ لڳائڻ سنت مان ثابت ناهي، ڳالهائڻ وقت هميشہ اهو ياد رکو تہ گهڻو ڳالهائڻ ۽ هر هر ٽهڪ ڏيڻ سان رعب ختم ٿي ويندو آهي.❁ ڪنهن سان ڳالهہ ٻولهہ ڪجي تہ ان جو ڪو صحيح مقصد بہ هئڻ گهرجي ۽ هميشہ مخاطب جي ظرف ۽ ان جي نفسيات جي مطابق ڳالهہ ڪئي وڃي .❁ بدزباني ۽ بي حيائي جي ڳالهين کان هر وقت پرهيز ڪريو، گارگند کان بچندا رهو ۽ ياد رکو تہ ڪنهن مسلمان کي بِنا اجازتِ شرعي گار ڏيڻ حرامِ قطعي آهي. (فتاوي رضويہ، ج 21 ص 127) ۽ بي حيائي جي ڳالهہ ڪرڻ واري تي جنّت حرام آهي. تاجدار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا: ”اُن شخص تي جنت حرام آهي جيڪو فُحش گوئي (بي حيائي جي ڳالهہ) کان ڪم وٺي ٿو.(کتابُ الصَّمْت مع موسوعۃالامام ابن ابي الدنيا، ج۷ص۲۰۴ رقم ۳۲۵)

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ مکتبۃ المدينہ جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”**بهار شريعت**“ حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب ”**سنتيں ۽ آداب**“ هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت

www.dawateislami.net

جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

عاشقانِ رسول،آئیں سنت کے پھول
دینے لینے چلیں، قافلے میں چلو

صَلُّوْاعَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ درود شريف

## ﴿1﴾ جمعي جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِیِّ الْاُمِّیِّ
الْحَبِيْبِ الْعَالِی الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي ته جيڪو شخص هر جمعرات (جمعي ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ مان گهٽ هڪ ڀيرا پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيندي وقت اهو به ڏسندو ته سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن،[3]

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

---

[3]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون،ص151ملخصًا

حضرتِ سيدُنا انس رَضِیَاللهُ تَعَالٰی عَنہُ کان روايت آهي تہ تاجدارِمدينهصَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو :جيڪو شَخص اهو دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.[4]

## (3)رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

جيڪو اهو دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[5]

## (4)ڇهہ لک دُرُود شريف جو ثواب

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِی عِلمِ اللهِ صَلَاۃً دَآئِمَۃً بِدَوَامِ مُلکِ الله

حضرت اَحمدصاوِي عَلَيہِ رَحمَۃ اللهِ الھَادِی کن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهہ لک دُرُود شريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[6]

## (5)قُربِ مُصطَفٰي صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ کَمَا تُحِبُّ وَتَرضٰی لَہٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيہِ واٰلِہٖ وَ سَلَّمَ ان کي

---

4 ...افضل الصلوات علی سيد السادات،الصلاة الحادية عشرة، ص 65

5 ...القول البديع،الباب الثانی، ص277،

6 ...افضل الصلوات علی سيد السادات،الصلاة الثانية والخمسون،ص149

پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَاللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهي سبب صَحابَہ ڪرام رَضِیَاللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: اهو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ ائين پڙهندو آهي.[7]

## (6) دُرُودِ شَفاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنۡزِلۡهُ الۡمَقۡعَدَ الۡمُقَرَّبَ عِنۡدَكَ يَوۡمَ الۡقِيَامَةِ

شافِعِ اُمَم صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ مُعَظَّم آهي جيڪو شخص هن درود شريف کي پڙهي تہ ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[8]

### (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَّا هُوَ اَهۡلُهٗ

حضرتِ سيدُنا ابنِ عباس رَضِیَاللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِمدينہ صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: انهي درود شريف کي پڙهڻ واري جي لاءِ ستر ملائڪ هڪ هزار ڏينهن تي نيڪيون لکندا آهن[9]

### (1) جڻ شب قدر حاصل ڪري ورتي-

فرمان مصطفيٰ صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي جنهن هن دعا کي 3 ڀيرا پڙهيو

---

[7]...القول البديع،الباب الاول،ص125

[8]... الترغيب والترهيب،کتاب الذکر و الدعاء،٢/٣٢٩،حديث:٣٠

[9]... مجمع الزوائد،کتاب الادعية،باب فی کيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305

www.dawateislami.net

تہ ان جڻ شب قدر حاصل ڪري ورتي.[10]

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم ۽ ڪريم ڪان سواءِ ڪو بہ عبادت جي لائق ناهي الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

10... تاريخ ابنِ عساڪر،۱۵۵/۱۹،حديث:۴۴۱۵

www.dawateislami.net